SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXIX مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXIX OF 2001

سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس X مجريہ 2000 جي دفعہ 19 جي ترميم
Amendment of section 19 of Sindh Ordinance No.X of 2000

سنڌ آرڊيننس نمبر XXIX مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXIX OF 2001

سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (THIRD AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[10 آگسٽ 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس، 2000 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي، جيڪا هن طرح هوندي؛

۽ جيئن تہ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز حڪم 2000 (نمبر8، 2000) جي تحت چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان صوبن ۾ چونڊ ڪرائڻ جي لاءِ بااختيار بڻايو؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر 1 جي تحت معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن اهي تہ موجوده صورتحال ۾ فوري قدم ضروري آهي.

هاڻي تنهنڪري، مٿين ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل

ڪانسٽيٽوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽوشن (ترميم) آرڊر نمبر 9 ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ڪندي، سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هيٺين ڄاڻايل آرڊيننس ناهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز (ٽئين ترميم) آرڊيننس، مجريہ 2001 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو ۽ 14 آڪٽوبر 2000 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس X مجريہ 2000 جي دفعہ 19 جي ترميم
Amendment of section 19 of Sindh Ordinance No.X of 2000

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ اليڪشنز آرڊيننس، 2000 جي دفعہ 19 جي آخر ۾ فل اسٽاپ کانپوءِ هيٺين ڄاڻايل وضاحت کي شامل ڪيو ويندو.

وضاحت:ـ

هن دفعہ جي مقصدن جي حاصلات لاءِ، آفيس جي هولڊر مان مراد اهڙو شخص آهي، جنهن هن آرڊيننس جي مطابق ناهيل قانون جي تحت حلف کنيو هجي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.